ڊاڪٽر غفور ميمڻ

# وحدت کان وحدت الوجود تائين

## (سنڌي سماج ۽ ادب جو بنيادي فڪر)


**Abstract**

*'Being' is an extremely broad concept encompassing subjective and objective features of reality and existence. For some people consider that 'being' means material things while for some spiritual things. However, no one can finally say as to what essence of being is.*

*Existentialist philosophers such as Sartre, as well as Continental philosophers such as Hegel and Heidegger have also written extensively on the concept of 'being'. Descartes said "I think therefore I am" but the term "I am" has no meaning in itself; it must have an action or relation attached to it. This in turn has led to the thought that "Being" and nothingness are closely related, as developed in existential philosophy. Sufis also discussed the concept of 'being'. According to Sufis, 'being' is one which is manifested in the shape of universe. Man as a whole is the part of wholeness. When a Sufi put down the ego, only then is he able to enter due ecstatic state of real being. The world is appearance of "Maya" which is manifested in matter but it is mortal; only spirit is immortal. Sufis claim that actual worship is to know the inner self, which is beautiful and complete. In this research paper I have discussed the concept of 'being'. Actual being is inner self which has quality of 'to be' not 'to have', but we are living in post modern age where man is seriously afflicted with material disease. Every one wants to get "Maya" (Matter), and extremism of everything has spread throughout the world. Here Sufism is the only philosophy that can save the world.*


**جيڪي** ڪجهه توهان کي نظر اچي ٿو ڇا اهو سچ آهي؟ مثال آسمان ۾ تارا ائين نظر اچن ٿا ڄڻ محبوبہ جي چنيءَ تي ستارا ٽاڪيل آهن، چنڊ حسن جي علامت ٻڌيل آهي، ريل جون پٽڙيون پري کان ڏسو تہ پاڻ ۾ مليل نظر اينديون، پري افق تي نظر وجهو تہ ڌرتي ۽ آسمان بہ پاڻ ۾ ملي ٿا وڃن، پاڻيءَ ۾ پينسل ٽيڏي نظر اچي ٿي. بظاهر تہ سڄ اڀري ٿو ۽ وقت گذري ٿو، ڏسندي ڏسندي ڏينهن رات ۽ صديون گذريو وڃن، پر لڳي ائين ٿو ڄڻ سڀ ڪجهه هڪ جڳهه تي بيٺل آهي. اهو ئي هڪ پل آهي، ڪڏهن اهو بہ شڪ ٿئي ٿو تہ اهو پل بہ آهي يا ناهي. ننڍڙا ٻار ڪيڏندي جوان ٿيو وڃن، ڏسندي





پوڙها ٿيو وڃن. ڪئي خان ڪپيو وڃن، بادشاهہ امير،شهزادا سڀ مٽيءَ جا ڍير ٿي ويا، ڪڏهن ماڻهو محبت ڪري ٿو تہ ڪڏهن نفرت، ڪڏهن من ماڪوڙي ڪڏهن ڪيهر شينهن، ڪڏهن لڳي ٿو سڀ ڪجهه حقيقت آهي، ڪڏهن لڳي ٿو تہ دوکو آهي. اهو سڀ ڪجهه سوچي ماڻهو چريو ٿيڻ لڳي ٿو تہ هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ هتي آئون ايرڪ فرام (Erick Fromm 1900-1980 ) جو مشهور جملو ورجائيندس: ”مون کي حيرت اها ناهي تہ ماڻهو چريا ڇو ٿا ٿين، پر حيرت انهيءَ ڳالهہ جي آهي تہ ماڻهو چريا ڇو نٿا ٿين.“(1) هيءَ دنيا، زندگي، حيات ۽ موت، وجود ۽ نيستي بابت صرف بحث آهن، پر ڪو حتمي جواب ناهي، اهڙن موضوعن کي اسان مابعدالطبعيات (Metaphysics) جي دائري ۾ آڻيندا آهيون.

### وجود:

ڪو بہ شخص جڏهن چوي ٿو تہ هي منهنجو وجود آهي، تہ هن جملي تي ٿورو ويچاريو 'هي منهنجو وجود آهي'، 'هي' ضميراشارو آهي، جيڪو ڪنهن وجود ڏانهن ڪيو پيو وڃي. اهو وجود ڪنهن جو آهي؟؟ پنهنجي پاڻ جو، تہ اشارو ڪير پيو ڪري يعني 'آءٌ' ضمير متڪلم ائين ڏسبو تہ 'آءٌ' ۽ وجود بہ الڳ شيون آهن، جي 'آءٌ' ۽ 'وجود' گڏ آهن، تہ پوءِ هر شيءِ پنهنجو وجود ڇو نٿي ڄڻائي؟ هر شيءِ جو هئڻ يا مشاهدي ۾ اچڻ ئي سندس وجود جي علامت آهي، پر 'آءٌ' کي پاڻ ڏانهن اشارو ڇو ڪرڻو ٿو پوي؟ موت کان پوءِ وجود موجود آهي، پر ان مان 'آءٌ' نڪري وڃي. مادي يا روحاني وجود جو بنياد ڇا آهي؟ جوهر ڇا آهي؟ هڪ ننڍڙو جيت بہ وجود آهي تہ هماليا جبل بہ وجود آهي، خود ڌرتي بہ وجود آهي، ڪائنات ۾ ديو قامت ڦرندڙ ستارا بہ وجود آهن ۽ جيڪو 'آءٌ' ٿو چوي اهو بہ وجود آهي. سائنسدان چون ٿا تہ مادو اهو آهي، جيڪو وزن رکي ٿو، جڳهہ والاري ٿو، پر وزن وري بہ نسبتي آهي. مثال ڌرتيءَ تي ڪنهن شيءِ جو وزن 60 ڪلو آهي تہ چنڊ تي ان جو وزن صرف 10 ڪلو ٿيندو، پر يورينس تي 600 ڪلو ٿيندو، پوءِ اصل وزن ڇا آهي؟ معنيٰ مادي ۽ وجود ۾ فرق آهي. شعور ڇا آهي؟ درد ڇا آهي؟ احساس ڇا آهي؟ خوشي ۽ پريشاني، جيڪي نہ وزن رکن ٿيون نہ جڳهہ والارين ٿيون ڇا آهن؟؟ ڊالٽن (John Dalton 1766 -1844) ائٽم جو نظريو ڏنو. هن سوچيو تہ مادي کي ٽوڙي ڏسجي تہ آخر ڇا ٿو بچي؟ ان بنياد تي هن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مادي کي ذرا ذرا ڪندي اهو نظريو ڏنو ته، مادي جو آخري ذرو ائٽم آهي، جنهن کي وڌيڪ ٽوڙي نٿو سگجهي، ان کان پوءِ ردر فورڊ ( Ernest Rutherford 1871- 1937 ) چيو ته، ائٽم ۾ نيوٽران به آهي. وري نيل بوهر ( Niels Henrik David 1885- 1962 Bohr) چيو ته، ائٽم جا ٻاهريان خول به آهن جن ۾ 'اليڪٽران' گردش ڪن ٿا. ۽ آئنسٽان (1879-1955ع Albert Einstein) چيو ته، ائٽم کي ٽوڙي به سگهجي ٿو. ائٽم کي ٽوڙڻ سان ان مان خطرناڪ طاقت نڪرندي. ان جو مطلب ته، ائٽم ۾ طاقت قيد آهي، معنيٰ مادي وجود هڪ قسم جو خول آهي طاقت کي قيد رکڻ جو. هاڻي وجود طاقت آهي يا مادو؟ يا ائين چئجي ته، اصل قوت مادو آهي يا سگهه؟ ڇا ڪائنات کي ڪي ٻه قوتون پيون هلائين؟ وجود کي سمجهڻ لاءِ دُوئي، ثنويت يعني Dualism جي ٿيوري وجود ۾ آئي.

### دوئي ـ Dualism:

هن نظرئي مطابق ڪائنات جو بنياد ٻن جوهرن ۽ حقيقتن تي مبني آهي. ڪيترن فلسفين هڪ قوت کي 'خير' جي ۽ ٻي قوت کي 'شر' جي قوت قرار ڏنو. سندن چوڻ هو ته، هيءَ ڪائنات ٻن جوهرن ۽ ٻن حقيقتن تي ٻڌل آهي، هڪ 'خير جو خدا' ۽ ٻيو 'شر' يعني 'بديءَ جي طاقت'. جهالت واري دور ۾ سينٽ آگسٽائن جو خيال هو ته، "ڪائنات ٻن جوهرن: هڪ 'مادو' ۽ ٻيو 'روح' جو ميلاپ آهي. دُوئيءَ جو وڏو مبلغ رين ڊيڪارٽ هو، جنهن جو خيال هو ته، ڪائنات جي حقيقت ٻن قسمن جي آهي. هڪ 'دماغي قوت' يعني 'شعور يا روح جي دنيا'، ٻيو 'مادي وجود'. ڊيڪارٽ جو خيال هو ته، نفس ۽ مادو ٻه پورو چوٽ حقيقتون آهن، جيڪي ڳنڍيندڙ عضون وسيلي پاڻ ۾ رابطو رکن ٿيون.

### ڪثرتي نظريو ـ Polytheism :

هن نظريي مطابق ڪائنات جو جوهر هڪ نه، پر لاتعداد وجودن تي مبني آهي. هيءَ ڪائنات لاتعداد خود مختيار شين جو مجموعو آهي. هن نظريي کي اسان ٻن حصن ۾ ورهايون ٿا:

1. مادي ڪثرت
2. روحاني ڪثرت





### مادي ڪثرت :

مادي ڪثرت جي دعويٰ آهي ته، ڪائنات خود مختيار ذرن جو مجموعو آهي. قديم يوناني فلسفي ڪائنات جي بنيادي جوهرن کي چئن حصن ۾ ورهايو هو: هوا، مٽي، پاڻي ۽ باهه. اڳتي هلي سائنس ثابت ڪيو ته، ڪائنات جي طبعيات جا بنيادي عنصر 105 آهن، جن ۾ ڪي ڌاتو، ڪي گئس ۽ ڪي پاڻيات جا آهن ۽ انهن عنصرن کي هڪٻئي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو، پر هن نظريي ۾ هڪ خامي اها آهي ته، اسان صرف ذرتيءَ جو مشاهدو تا پڌائي سگهون ٿا، پر سڄي ڪائنات جي طبعيات اها ناهي، ٻيو ته هر بنيادي ذري جي ساخت ائٽم جي آهي. هر ائٽم جو ائٽمي نمبر الڳ آهي، پر ائٽم جي ساخت تبديل ڪري سگهجي ٿي، ان ڪري لاتعداد خود مختيار ايڪن وارو نظريو رد ٿي وڃي ٿو.

### روحاني ڪثرت :

هن نظريي ۾ ٻه نظريا موجود آهن: هڪ ڪثرتي خدائن وارو نظريو ۽ ٻيو مونادئيت وارو نظريو.

ڪثرتي خدائن جي نظريي مطابق، ڪائنات مختلف ديوين ۽ ديوتائن جي ماتحت روان دوان آهي. قديم انسان به لاتعداد خدائن جو حامي هو. هن جو خيال هو ته، ڪائنات جي هر شيءِ جو الڳ خدا آهي، سمنڊ جو خدا، هوا جو خدا، رزق جو خدا، موت جو خدا، برسات جو خدا، وغيره. هر خدا پنهنجي منفرد دنيا جو مالڪ هو.

### مونادئيت :

هن فلسفي جو باني لائبنز ( Labinz 1646-1724 ) هو. هن جو چوڻ هو ته، ڪائنات انتهائي سادي قسم جي ذرن جي نهيل آهي، جيڪي وڌيڪ ورهائي يا ٽوڙي نٿا سگهجن، پر اهي ذرا بنيادي طرح روحي طاقتون آهن، جن مان طاقت خارج ٿيندي رهندي آهي. ڪائنات جو سچو سرشتو انهن روحي ذرن تي مشتمل آهي. مطلب ته، جهڙي طرح ائٽم جي نظريي موجب ائٽم مادي جو ننڍڙو ذرو آهي، اهڙيءَ طرح موناد روح جو ننڍڙو ذرو آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**وحدت** : Monism

هن نظريي مطابق، ڪائنات جو حقيقي مواد صرف هڪ آهي، يعني ڪائنات کي ڪل جي حيثيت سان ڏٺو وڃي ٿو، جنهن مطابق هڪ ئي مواد ڪائنات جو بنيادي جوهر آهي. وحدت جا ٽي قسم آهي:

1. مادي وحدت 2. روحاني وحدت 3. بي رنگ احديت

**مادي وحدت**:

هن نظريي مطابق، ڪائنات جو حقيقي مواد مادو آهي، مادي کان علاوه ڪا به حقيقت ناهي. زندگي به انهيءَ جي هڪ اعليٰ ترتيب ڏنل صورت آهي، شعور مادي جي ارتقائي منظم شڪل آهي. قديم يوناني ڊيموڪريٽس، ليوڪريشس، هندستان ۾ چارواڪ ۽ جديد فلسفي ڪارل مارڪس هن نظريي جا حامي هئا. هن نظريي موجب ڪائنات پنهنجي مادي قانون تحت هلي ٿي ڪنهن به ٻاهرين قوت جو عمل دخل ناهي، هن نظريي جا ٻه گروپ آهن هڪ مڪينيڪل ماديت ٻيو جدلياتي ماديت. مڪينل ماديت ۾ هيگل جو شاگرد فائرباخ هن جو نمائيندو هو، جنهن مطابق ڪائنات مادي جو مڪينيڪل عمل آهي، منجهس ڪا به حرڪي قوت ناهي. جدلياتي ماديت مطابق مادو حرڪي آهي، جيڪو مسلسل پنهنجي قانون مطابق حرڪت ڪري ٿو. ڪارل مارڪس انهيءَ جا مشهور ٽي قانون واضح ڪيا هئا 1. تضادن جو قانون 2. نفعي جو نفعي وارو قانون ٽيون ڪيميت جو ڪيفيت ۾ تبديلي وارو قانون، ڪارل مارڪس سائنسي ايجادن جي روشنيءَ ۾ سمورن غير مرئي قوتن کان انڪار ڪيو، روح يا پراسرار قوتن کان انڪار ڪيو. هن صرف مادي وجود کي ئي ڪائنات جو جوهر قرار ڏنو.

ويهين صديءَ ۾ آئنسٽائن جي اضافت جي نظريي جي پڌري ٿيڻ کان پوءِ هڪ نئون بحث چڙيو ته، مادو پهرين آهي يا سگهه. آئنسٽائن اهو ثابت ڪيو ته، ڪائنات جو راز وقت ۾ لڪل آهي . وقت هڪ اضافي شيءِ به آهي ته، وقت بيهجي به سگهي ٿو. مادي جي بنيادي ايڪي، ائٽم، جي اندر اليڪٽران، مادو به آهي ته، سگهه به آهي، جنهن مان اهو بحث پيدا ٿيو ته، ڪائنات فارمولائيز به آهي ته، ريندمر به آهي. ان کان پوءِ اسٽيفن هاڪنگ (Stephen William Hawking -1942) وقت جي ٿيوريءَ تي تحقيق ڪري نوبل انعام ڪٽيو. سندس خيال هو ته، زمان ۽ مڪان اضافي آهن ۽ صرف مادي





دنيا ۾ ڪُٽي سگهجي ٿو. ڪائنات جو عمل ٺهڻ ۽ ڊهڻ جو آهي، جيڪو هر وقت جاري آهي. ڪيترا اُپگرهه ۽ ستارا پنهنجو ٻارڻ ختم ڪري بليڪ هول ۾ تبديل ٿي ويا. هڪ بليڪ هول ۾ هڪ چورس انچ مادي جو وزن هزارين ٽن ٿي سگهي ٿو. يعني ڪائنات سُسي نقطي ۾ سمائجي سگهي ٿي، جتان اسان کي غير محسوسIntangible مادي جو تصور مليو، پر ڪارل ساگان ( 1996 – Edward Carl Sagan 1934) اڃا اڳتي وڌي، سائنسي فڪشن پيش ڪندي چيو ته، ڪائنات کي واپس پنيان موٽائي سگهجي ٿو. وقت کي بيهاري عمر وڌڻ کان روڪي سگهجي ٿي. ڪائنات ۾ نه هيٺاهين آهي، نه مٿاهين آهي، نه طرف آهي، نه مرڪز آهي، نه وزن آهي ۽ نه رنگ، شايد ڪو وقت به ناهي.

هنن تحقيقن مان هڪڙي ڳالهه ته، ثابت ٿئي ٿي ته، گهڻ ۾ گهڻ ڪائنات ڏاڍي اسرار واري ۽ منجهيل آهي، صرف مادي وحدت ناهي.

**روحاني وحدت** :

روحاني وحدت مطابق، ڪائنات جو بنياد روح يا سگهه، يا وري ڪو تصور آهي. روحاني وحدت جا ڪيترا قسم آهن، مثال : مابعدالطبعاتي روحانيت، علمياتي روحانيت، خيالي روحانيت وغيره. روحاني وحدت يا خيالي وحدت جا ٻه اهم پهلو اسان جي سامهون اچن ٿا، هڪ معروضي خيال پرستي، ٻيو داخلي خيال پرستي.

يونان ۾ افلاطون معروضي خيّال پرست هو، مغربي فلسفي اسپينوزا روحاني وحدت جو قائل هو، جنهن جو خيال هو ته، دنيا جو آخري جوهر هڪ آهي. هيگل به هن نظريي کي اڳتي وڌايو. هو جدلياتي طريقي ڪار ذريعي 'مطلق عقل' تائين پهتو، هن جو خيال هو ته، مطلق عقل ئي ڪائنات جو جوهر آهي، جنهن پاڻ کي ڪائنات جي ڪثرت ۾ ظاهر ڪيو آهي. مذهبي دنيا ۾ وحدت جا ڪيترا ئي نظريا موجود آهن، جن ۾ الهيات، وحدت الشهود، وحدت الوجود وغيره.

وجود جي دنيا ۾ سڀ کان انوکو نظريو ۽ جديد نظريو وجوديت جو آهي، جيڪو ديني به آهي ته، لاديني آهي، بقول ڊاڪٽر افتخار بيگ جي ته، " وجوديت پنهنجي ترقي ماڻيل صورت ۾ عهد حاضر جو عڪس آهي، پر ان جون پاڙون تمام پري ماضيءَ جي فلسفي جي تاريخ ۾ به تلاش ڪري سگهجن ٿيون."(2) وجوديت، بقول

هنٽر ميڊ جي ته، ”هڪ فطري انسيت جو نالو آهي.“(3) پاڪستان ۾ وجوديت لاءِ هڪ تصور نهيل آهي ته، اها نفسياتي مونجهارن مان پيدا ٿي آهي، جنهن ۾ مايوسي، لاچاري، بيوسي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي، حقيقت ۾ ائين ڪونهي. هن فلسفي ۾ وجود جي بنيادي ماهيت ۽ جوهر مطلق هڪ اهم بحث آهي. وجوديت صرف جان پال سارتر يا ڪريڪي گارڊ تائين محدود ناهي. وجوديت جو بنيادي بحث اسان کي ويدن ۾ به ملي ٿو. عيسائيت، ٻڌمت، جين مت، اسلام ۽ صوفي مت ۾ به وجود جو اهو بحث ملي ٿو. وجوديت جي تت ۾ وجود لاءِ هڪ ئي راءِ آهي ته، ”وجود هڪ خال نيستي آهي. اصل ۾ اسان جي ذهن ۾ هڪ امڪاني وجود آهي.“(4) وجود مان مراد پنهنجي وجود جو احساس آهي، پر اهو مڪمل ناهي، اهو اڌورو آهي، منجهس کوٽ آهي. سڄي زندگي ماڻهو انهيءَ کوٽ کي پوري ڪرڻ جي جدوجهد ڪندو رهي ٿو، پر اها کوٽ پوري نٿي ٿئي. ان جو سبب صرف اهو آهي ته، وقت جي وهڪري ۾ سڀ ڪجهه لڙهي وڃي ٿو. هر لمحي انسان نئين صورت حال ۾ آهي، هر پل انسان لاءِ نئون وجود آهي. علامه اقبال انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو ڪندي چيو هو ته:

فریب نظر ہے سکون وثبات
تڑپتا ہے ذرہ کائنات
ٹھرتا ہی نہیں کاروانِ وجود
ہر لحظہ ہے نیانشانِ وجود۔(5)

جيئن ته، ڪو انسان پنهنجي مرضيءَ سان پيدا نه ٿيو آهي، نه وري سندس ڪو جوهر آهي. هڪ مذهبي ماڻهو ته، اهو چئي سگهي ٿو ته، انسان جو جوهر الله جي خوشنودي حاصل ڪرڻ آهي، پر ان لاءِ ته، انسان جو روح ڪافي هو، نفس: انسان کي چو مليو. جي اها ڳالهه مڃي وٺجي ته، انسان جي زندگي هڪ آزمائش آهي ته، ان لاءِ ته، اها آزمائش هن وجود جو وڏو مسئلو بڻيل آهي، انهيءَ ڪري ڪو به حتمي جوهر ناهي. وجود، اونداهي رات ۾ ٽانڊاڻي وانگر تجلا ڏيندو رهي ٿو، پر ان ڏانهن جيئن ئي هٿ وڌائي ڪيس جهلڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي ته، هو پنهنجي جڳهه بدلائي چڪو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح تجلا ڏيندڙ ٽانڊاڻي جي ڪابه راهه طئي ٿيل ناهي. هاڻي صورتحال اها آهي ته، وجود جي اڌورائي ۽ جوهر کان سواءِ رڄ ۾ ڀٽڪڻ جو ڪرب ۽ لاچاري اندر





۾ بي پناهه اضطرابي ڪيفيت پيدا ڪري ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ هو وري جدوجهد ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هو مسلسل چونڊ جي عمل مان گذرندو رهي ٿو، پر ڪيس جوهر هٿ نٿو اچي، مٿان وري وڏو ڪرب ۽ خوف موت جو آهي. ماڻهو ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين موت جي دهشت مان گذري ٿو.

اهڙيءَ صورتحال ۾ انسان ڇا ڪري؟ هو پنهنجي وجود جو بار ڪنهن تي وجهي. ليوٽالسٽائي چيو هو ته، جي خدا ناهي ته، سڀ ڪجهه جائز آهي. سارتر انهيءَ نڪتي کان اڳتي وڌي ٿو ته، واقعي ئي انسان سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ آزاد آهي. بلڪ هو پنهنجي بي پناهه آزاديءَ جو بار ڪٿي نٿو هلي سگهي، ڪنهن نه ڪنهن تي انهيءَ جو بار وجهندو آهي. انهيءَ ڪري اختيار ۾ وڏو درد به آهي . انهيءَ ڪري آدم ۽ حوا پنهنجي گناهه جو بار شيطان تي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي. اڄ به ماڻهو جي خاصيت اها اهي ته، هو ڪنهن مذهب جو سهارو وٺندو يا سياسي پارٽيءَ جو سهارو وٺندو يا ڪنهن پير، مرشد جو سهارو وٺندو، جي ڪنهن تي به آزاديءَ جو بار نٿو وجهي ته، بيمار ٿي پنهنجي بيماريءَ تي پنهنجي آزاديءَ جو بار وجهندو ۽ پنهنجي فيصلن جي ذميداريءَ کان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو، ۽ آخر ۾ قسمت تي ڀاڙيندو آهي، پر اهو سڀ ڪرڻ جي باوجود به انفرادي ذات جي خالي پڻي کان، اڻ ڄاتل اڪيلائي ۽ بوريت کان جند نٿو ڇڏائي سگهي، جيئن وجود جو شعور وڌندو، اهي ڪيفيتون وڌنديون. انهيءَ ڪري ڪبير ڀڳت چيو ته:

جانت ڪو دکھ هي، اجانت ڪو سکراج،
مورک بيچارا ڪيا جاني جنين پيٽ ڀرڻ سون ڪاج.

ڪن ڏاهن ماڻهن انهيءَ ڪرب مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو اهو حل ڪڍيو ته، وجود کي وسارجي، پنهنجو ڌيان هٽائجي. صوفين مراقبي ذريعي ان جو حل ڪڍيو، ڪن موسيقيءَ ۾ پناهه ورتي، ڪن فطرتي نظارن ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انسان جڏهن فطرت جي ويجهو هو، ته اجتماعي طور گڏ رهندو هو، گڏجي شڪار ڪندا هئا، گڏجي دل به وندرائيندا هئا. مطلب ته، انفرادي ذات اجتماع ۾ گم هئي، پر جيئن جيئن انسان ترقي ڪئي، سائنسي ايجادون ٿيون ته، انسان فطرت کان پري ٿي انفراديت حاصل ڪندو ويو. نتيجي طور وجود جو بار وڌي ويو، هاڻي جوهر جي تلاش، اختيار ۽ چونڊ جي مرحلي مان پل پل گذري ذات کي ميڄائڻو پوي ٿو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ذات جي ميرائڻ جا ٽي طريقا آهن:

1. بغاوت يا مزاحمت 2. عشق 3. تخليق

روايتي قدرن ۽ قانونن کان بغاوت ڪري پنهنجي ذات جو ڪارج حاصل ٿئي ٿو، ان ڪري وڏا وڏا سورما ۽ انقلابي خوشيءَ سان ڦاهيءَ تي چڙهي ويندا آهن، جيئن ديومالا يا ميٿالوجيءَ ۾ شيطان جي بغاوت، يوناني ميٿالوجيءَ ۾ پروميٿس ۽ سسيفس جي بغاوت مشهور آهي. سنڌ ۾ مارئيءَ جي مزاحمت ۽ مورڙي جي مانگر مڇ خلاف مزاحمت وغيره. سنڌي قوم ڪي سندس سڃاڻپ هميشه مزاحمت ڪندي ملي آهي، جيئن انگريزن خلاف مزاحمت، سنڌ کي بمبئي سان شامل ڪرڻ واري عمل جي مزاحمت، ون يونٽ خلاف مزاحمت، 1983 ۾ ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ مارشلا خلاف مزاحمت، وغيره. هنن مزاحمتن ۾ سنڌي قوم کي پنهنجي وجود جي سڃاڻپ ملي ۽ قوم متحد ٿي. دراصل مزاحمت ڪندي ماڻهو کي پنهنجي وجود جو جواز ملي ويندو آهي، کيس پنهنجي اهميت جو احساس ٿيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو شاهه لطيف، مارئيءَ جي واتان هيئن ٿو چورائي:

سکر سي ئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾
وسايم وڏ ڦڙا، مٿي ماڙين مينهن
واجهائيندي وصال کي، ٿيس ٿهارون ٿيئن
نيئر منهنجو نيهنن، اجاري اڇو ڪيو.

شاهه جو هي بيت بلڪل ان فلسفي جو پيش منظر پيش پيو ڪري، جيڪو سارتر پيش ڪيو هو. سارتر خود پنهنجي ذات لاءِ چيو هو ته، ” اسان کي الجزائر جي فوجن قيد ڪيو هو ۽ مارڪُٽ ڪندا هئا، پر اسان انهن کي ڪجهه به نه ٻڌايو ۽ نه آڻ مڃي، ان وقت اسان کي پنهنجي وجود جي اهميت جو اندازو ٿيو ۽ پهريون دفعو اسان کي مزاحمت مان سرور مليو.“ اهڙيءَ طرح سسئي جبلن ۾ واڪا ڪندي، رڻ پٽ، بيابان جهاڳيو، تڏهن ئي کيس ذات جو وجدان ٿيو. تڏهن ئي پڪارئي چوي ٿو ته :

پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.





**عشق:**

عشق پنهنجي وجود کي تسليم ڪرائڻ جو ٻيو نالو آهي. حديث قدسي آهي ته، ” خدا سونهن جو ڳجهو خزانو هو، پنهنجو ئي جلوو پئي پسيائين، ته جنبش جاڳيس ته پاڻ سڃاڻجان.“ (6)

هاڻي هر ذري ۾ اها ئي خاصيت آهي ته پاڻ سڃاڻجان ۽ مڃيو وڃان. جڏهن ڪو به عشق ۾ مبتلا ٿئي ٿو ته دراصل هن کي سڃاڻپ ملي ٿي ۽ ٻي جي اڳيان تسليم ٿئي ٿو. ان وقت ان شخص کي پنهنجي وجود جو وجدان ٿئي ته ” مان آهيان“، مون کي ڪنهن مڃيو آهي. اها حثيت هن کي وجود جو جواز مهيا ڪري ٿي ۽ سندس جوهر ٻڌجي ٿي، پر عشق جي خطرناڪ صورتحال ان وقت ٿئي ٿي، جڏهن ڪنهن کي ڌڪاريو وڃي ته ان وقت وجود جو خالي پڻو ظاهر ٿيو پوي ۽ وجود بي جوهر ٿيو پوي، جيڪو ناقابل برداشت آهي. ان ڪري شاهه جي سورمين جي ڪهاڻيءَ جو الميو شروع ئي اتان ٿئي ٿو، جڏهن ڪردارن کي نڪرايو وڃي ٿو. جيستائين پرين گڏ آهي ماڻهو آرام ۾ آهي.

ڪٺا منجهه قرار، هئا هيڪاندا سنگ ۾

پر جيئن ئي محبوب ڌڪاري ٿو، وجود جي بي چيني شروع ٿيو پوي. صوفين جي چواڻي ته زندگي دراصل آهي ئي هڪ وڇوڙو، بي چين وجود جي اڌپورائي، مڪمل وجود جي ڳولا. تنهن ڪري شاهه جون سورميون ان وقت بي چين ۽ متحرڪ ٿيو پون. جڏهن وڇوڙي جي ٽرئجڊي ٿئي. دنيا جي وڏي وڏي ۾ ٽرئجڊي ماڻهوءَ کي نڪرائڻ ۽ نظر انداز ڪرڻ سان ئي شروع ٿئي ٿي. بي معنيٰ ۾ ائين چئجي ته ماڻهوءَ جي وجود کي تسليم نه ڪرڻ سان ٽرئجڊي شروع ٿئي ٿي. انسان جي اڌپورائي ظاهر ٿيو پوي، جوهر کان انسان خالي ٿيو پوي. پوءِ اهو نڪرايل ڪردار در در ڀٽڪندو رهي ٿو. واجهائيندو رهي ٿو، درد اندر ۾ پيهي وڃي ٿو، ماڻهو پنهنجي داخليت ۾ ٻڏڻ لڳي ٿو. شاهه لطيف جا سڀ ڪردار انهيءَ موهه ۾ ڀٽڪندي پنهنجي وجود جو وجدان حاصل ڪن ٿا. شاهه لطيف انهن ڪردارن جي ليلائڻ، واجهائڻ ۽ ڀٽڪڻ ۾ زندگيءَ جو مقصد واضح ڪري ٿو ته زندگي آهي ئي جاکوڙ جو نالو، پر سک ختم ٿيڻ جي ناهي، هٿ ڪجهه اچڻو ناهي، يعني جدوجهد ته ڪرڻي آهي، پر حاصلات اهم ناهي، سڀ مايا جو موهه آهي.

ڳوليان ڳوليان مَ لهان،
شال مَ ملان هوت.
چئي چنيسر ڄام سين، ليلائي لڪائي مّ تون
اي ڪانڌ ڪنهن جو نه ٿئي، نڪا تون نه مون
روئندي ڏٺيون مون، هن در مٿي دادليون.

صوفين وٽ عشق، آگهي ۽ عرفان حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، يعني صوفين وٽ اصل علم عرفان جو آهي، جنهن ۾ وجود جو وجدان ٿئي ٿو. اهو دنيائي علم سان نٿو ملي. اهو صرف عشق سان ملي ٿو. عشق جي آخري ڪيفيت اها آهي ته، وجود سراپا ڪائنات بڻجي وڃي، اهو احساس ٿئي ته جيڪي ڪجھ آهي، اهو محبوب آهي، ٻيو ڪجھ آهي ئي ڪونه.

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چٽاٽو
منجھ ئي ڪاڪ ڪڪوري، منجھ ئي لداٽو
راڻو ئي راڻو، ناهي راڻي ريءَ ڪو ٻيو.

## تخليق: Creation

تخليق، انسان جو داخلي فرياد آهي، تخليق انسان جو ٻيو جنم آهي ۽ تخليق اندر جي خاليپڻي کي پرڻ ۽ سجاڳجڻ جو ذريعو آهي.

انسان جو اهو ئي وجودي خالي پڻو کيس مجبور ڪري ٿو، ته هو اهڙو ڪجھ ڪري جو ڪيس مجتا ملي. فرائيڊ چيو هو ته انسان ۾ ٻه اهم جبلتون ٿينديون آهن:

1. جبلت مرگ
2. جبلت حيات.

انسان وقت جي وهندڙ وهڪري ۾ تجلا ڏيندڙ وجود ( Becoming Existence) آهي.وقت ڇا آهي؟ تبديليءَ جو ماپو آهي. ملا صدرا وقت لاءِ چيو هو ته، "time is neither original nor ideal but "Quantity of motion." ملا صدرا جي فلسفي ۾ idea of temporality موجود آهي، يعني وجود جي حقيقت 'مطلق' ناهي. مطلق وجود صرف خدا /برهما جو آهي،(8) پر ان نيستي کي مطلق وجود جو گيان آهي. اڻ پوري وجود جو درد ۽ بيچيني انسان کي ڪيترين ئي نفسياتي خرابين جو شڪار ڪري ٿي. ماڻهوءَ ۾ جبلت





مرگ پيدا ٿئي ٿي، اها جبلت مرگ ماڻهوءَ کي اذيت پسند بڻائيندي آهي، ماڻهو پيچ ڏاھ جو شڪار ٿيندو، پر جبلتِ حيات تعمير پسندي ڏانهن وٺي ويندي. تخليق دراصل ان جوش حيات جي اڇل جو نالو آهي، جيڪا جبلت حيات ڏانهن وٺي ويندي آهي. چونڊا آهن ته، تخليق درد مان جنم وٺندي آهي. اهو درد وجود جي اڻپورائيءَ جو درد آهي. اهو درد ماڻهوءَ ۾ ٻن قسمن جون بيماريون پيدا ڪري سگهي ٿو:

1. Psychoses
2. Neuroses

Psychoses ۾ شيزوفرينا، چريائپ، وهم، خيالي شيون ڏسڻ، خفت (Phobia) اذيت پسندي، وغيره جهڙيون بيماريون جنم وٺن ٿيون.

Neuroses ۾ وري ڊپريشن، ذهني دٻاءُ، اضطرابي ڪيفيت، بيچيني، بوريت، مزو نه اچڻ، دل نه لڳڻ، جهڙيون ڪيفيتون جنم وٺن ٿيون.

ٻنهي ۾ فرق اهو آهي ته، هڪ ڪيفيت ۾ ماڻهو منفيت ڏانهن گهٽو ويندو، کيس خبر نه پوندي ته، سندس هلت عام رواجي ناهي. منجهس جيڪي ڪيفيتون پيدا ٿينديون، انهن ۾ وهندو ويندو ۽ دماغي توازن وڃائي ويهي رهندو. ٻي ڪيفيت ۾ هو بي چين رهندو ته، ڪجھ ڪجي، ڪا تبديلي هن جي ضرورت هوندي آهي. جيڪڏهن ان ڪيفيت کي ڪو مثبت رستو ملي ويو ته، ماڻهو ڪاميابيءَ جي رستي تي هلي پوندو، نه ته، دريا ۾ غوطا پيو کائيندو. شاھ لطيف انهيءَ ڪري چيو هو ته، :

"جنين چت چريو، ڏونگر سي ڏوريندين."

علامه اقبال انهيءَ ڪري چيو هو ته، :

خدا تجھے کسی طوفان سے آشنا کر دے
کہ تیری بحر کی موجوں میں اضطراب نہیں۔

## وحدت الوجود:

اپنشد ۾ لکيل آهي ته، " هيءَ ڪائنات سراسر دوکو ناهي بلڪ حقيقي آهي، هيءَ ڪائنات انهيءَ ڪري حقيقي آهي ته، حق جي ذات جو مظهر آهي. غير حقيقي انهيءَ ڪري آهي ته، ڪائنات وجود نه، پر عدم آهي، جڏهن ته، برهما ته، وجود آهي." اڳتي وري اپنشد ۾ چيل آهي ته، " ڪائنات کي مستقل حقيقي سمجهڻ سڀ کان وڏي

ناداني آهي ۽ دوکو آهي. هيءَ ڪائنات ائين آهي جيئن سج مان ڪرڻا نڪري نروار ٿيندا آهن. خدا هر شيءِ ۾ جلوه گر آهي ۽ هر شيءِ ۾ ظاهر آهي. وري هڪ جڳهه تي لکيل آهي، ”جنهن کي برهما جو گيان ٿي ويو، اهو برهمڻ ٿي ويو.“(10)

قران شريف ۾ لکيل آهي تہ،

” هوالاول و آخر و الظاهر و الباطن وهو بڪل شيءِ عليم.“ 57/3

ترجمو: بس اهو ئي هر شيءِ جي شروعات آهي ۽ هر شيءِ جو ظاهر آهي ۽ هر شيءِ جو باطن آهي (اهو ئي اهو آهي). هو هر شيءِ جي ماهيت کان واقف آهي.(11) وحدت الوجود، صوفي مت، ويدانيت، همہ اوست جو بنيادي نڪتو اهو آهي تہ، ’وجود‘ هڪ آهي. ڪائنات نمو مسلسل (Becoming) آهي. بلڪ ائين چئجي تہ، ڪائنات ڪثرتِ وجود آهي. وجود جي وحدت جو آخري نڪتو زمان و مڪان کان مٿانهون آهي. مادي وجود روح جو پردو آهي. مادي وجود فطرت، زمان ۽ مڪان ۾ قابو آهي. روح ڇا آهي؟ خود آگهي، ڄاڻ، علم، شعور، جوش حيات، محبت ’حق مطلق‘ آهي. روح فريب نّظر ناهي، پر هن روپي سنسار ۾ قيد آهي. روپي سنسار حق مطلق جو پاڇو آهي، هن دنيا جو ظهور حق جي ڪري آهي، جيڪو سچ آهي. باقي هي مايا نہ سچ آهي نہ ڪوڙ، بلڪ آهي بہ ناهي بہ. مطلب تہ، دنيا جي حقيقت دريا مثل آهي، جيڪو هڪ وهڪرو آهي. هڪ وقت ۾ نظر بہ اچي ٿو ۽ سوچيو وڃي تہ، دريا هر لمحي نئون آهي. سائنس مادي علمن جو نالو آهي، پر تصوف روح جي سائنس آهي. مادي علم ڪتابن، تجربي ۽ عقل مان حاصل ٿئي ٿو، پر روح جو علم عشق، درد ۽ فڪر مان حاصل ٿئي ٿو. مشهور فلسفي برٽينڊ رسل چيو هو تہ، :

” دنيا ۾ جيڪي بہ عظيم ڏاها گذريا آهن، انهن تصوف جي ضرورت جو بہ اعتراف ڪيو آهي. انسان فڪر جي دنيا ۾ مٿانهون مقام صرف تڏهن حاصل ڪري سگهي ٿو جڏهن هو سائنس ۽ تصوف کي سمجهي ۽ ان تي عمل ڪري. حقيقت اها آهي تہ بهترين انساني خوبين جو اظهار رڳو تصوف جي ئي ذريعي ممڪن آهي.“(12) هن ڳالهہ مان ظاهر ٿيو تہ بهترين انساني ڪردار ۽ معزز شخصيت يا سچاڻو تڏهن ٿئي ٿو جڏهن هو سائنس ۽ تصوف کي سمجهي ٿو. معنيٰ تصوف انسان جي ڪرداري سائنس آهي. جهالت ۾ انسان مايا جي روپي سنسار کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهي ڪوهہ جي ڏيڏر وانگر زندگي گذاري ٿو ۽ خالي سائنس جو علم ماڻهوءَ کي مشين يا روبوٽ ٺاهي





ڇڏي ٿو، پر تصوف ڪائنات جي ماهيت کي سمجهڻ ۽ پنهنجي ذات جي حقيقت کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

دنيا جي حقيقت ڇا آهي؟ صوفي چون ٿا تہ، دنيا ڪيڏي بہ خوبصورت هجي، منجهس ڪيڏو بہ رومانس هجي، ڪيتري بہ جماليات هجي ڪيتري بہ لذت ۽ سک هجن، پر آهي سڀ موهہ، هت ڪجهہ بہ ناهي اچڻو. شاهہ چيو آهي:

”رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايم جت سين،“

شايد مصري شاهہ انهيءَ ڪري چيو تہ:

”عيش دنيا جا مڙئي مان وارا ملوڪ

سک هڪئي ساعت جو، ۽ ساري عمر جو سور ٿيو“.

جيڪي ڪجهہ آهي حاصلات آهي سڀ وقتي آهي، پر توهان ڪيترو بہ مادي حاصلات ڪريو، پر وجود جو خال اجا وڏيڪ ظاهر ٿيندو، ڪوٺ وڌندي ۽ هوس وڌندي، شروعات جو ڪوبہ انت ناهي. توهان کي قارون جا خزانا بہ پورا ڪونہ پوندا، خواهشون وڌنديون وينديون، هبچ، هوس، لالچ ۽ ڪروڌ وڌندو ويندو، تان جو توهان ۾ ڪوڙي انا، مايا پرجي ويندي تان جو صرف ڪوڙو ڏيکاءُ وڃي رهندو. جئين ماڻهوءَ جو اندر ڪوکلو ٿيندو تہ، روح ان کان پري ٿي ويندو. ماڻهو غير انساني جيو بڻجي ويندو.

اڪثر ماڻهو تصوف کي مذهب سان ملائي ڇڏيندا آهن. David Emile Durkhein جو چوڻ آهي تہ، تصوف جون پاڙون مذهب ۾ ناهن بلڪ انسان جي وجود ۾ آهن. مذهب ۽ تصوف ٻئي سچائيءَ کي پرکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر مذهب سماجي ظاهري رسمن جو شڪار ٿي صرف عقيدي تي هلي ٿو، جڏهن تہ، تصوف انسان جي ماهيت ۽ روحانيت جي اعليٰ قدرن جي جستجو ۾ رهي ٿو.(13)

وجوديت پرست چون ٿا تہ، انسان بي يار و مددگار، اڪيلو وجود جو بار کڻي پٽڪندو رهي ٿو، ڇو تہ، نہ سندس جوهر آهي، نہ بقا آهي، نہ وري سندس وجود جو جواز آهي.انسان هڪ عظيم خال آهي، جنهن کي ڀرڻ لاءِ پٽڪي ٿو، پر خال ڀرجڻ جو ناهي. ساڳي ڳالهہ تصوف ۾ موجود آهي تہ، ڪائنات مايا روپي سنسار آهي، ڪابہ شيءِ هت اچڻي ناهي.

تصوف جو بنيادي نڪتو اهو آهي تہ، ماڻهو پاڻ سڃاڻي، خود آگهيءَ ۾ اچي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پاڻ سڃاڻڻ جو طريقو هڪ رياضت ذريعي ٿئي ٿو، جنهن ۾ ماڻهو مادي حصول جي ڊوڙ مان نڪري آفاقي سوچ رکي ٿو، جنهن ۾ ماڻهو انا، غرور، ڪروڌ، تڪبر، وڏائي ڇڏي پاڻ ۾ عاجزي، انڪساري، درگذر، صبر، ڪهل، همدردي ۽ پيار جهڙا جذبا بيدار ڪري ٿو، جنهن ۾ ماڻهوءَ جو شعور زمان ۽ مڪان کان مٿانهون ٿئي ٿو، ڪائناتي جماليات سان سندس روح سرشار ٿئي ٿو ۽ ڪيس همہ گيريت جو وجدان ٿئي ٿو، ڪيس ڪشف حاصل ٿئي ٿو، انسان ۾ خدا جاري وساري ٿي وڃي ٿو، ان وقت انسان مڪمل ٿئي ٿو. هائڊيگر جو امڪاني وجود، صوفي پنهنجي رياضت سان ماڻي ٿو. سارتر جو خالي وجود صوفي آفاقي بڻائي، فطرت ۾ پيهي وجود مڪمل بڻائي ٿو. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ، واقعي صوفي ڪشف ماڻي ٿو؟ يا سندس اها رياضت ڪيس نفسياتي مريض بڻائي ڇڏي ٿي. هو Hallucination , illusion , Delusion جو شڪار ٿي شيزوفرينا (Schizophrenia) جو مريض ٿي وڃي ٿو. پلگرم سائمن ( Pilgrim Simon) پنهنجي ڪتاب 'Mysticism , Madness and Mania' ۾ انهيءَ موضوع تي پرمغز فڪري بحث ڪيو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ :

"schizophrenic is drowning in the same river in which the mystic swims in with delight" (14)

هن بحث ۾ صوفي ۽ شيزوفرينڪ مريض ٻئي هڪ پراسرار دنيا جي ڳالهہ ڪن ٿا. ٻئي چون ٿا تہ، تجربي ۽ عملن سان جيڪو ملي ٿو يا حواسن ذريعي جيڪو محسوس ڪن ٿا، اهو بيان ڪرڻ ڏکيو آهي. شيزوفرينڪ مريض وٽ ڪابہ آئيڊيالاجي ناهي ۽ عام رواجي زندگيءَ ۾ بہ نارمل ناهي. هو وري حقيقت جي دنيا ۾ موٽي نارمل نٿو ٿئي، پر صوفي پنهنجي روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ رواجي ۽ حقيقت جي دنيا ۾ واپس موٽي اچي ٿو. صوفي رڳو روحاني رمز جي خمار ۾ رهي ٿو. اها اجا تحقيق طلب ڳالهہ آهي تہ، روحاني دنيا ۽ نفسياتي بيمارين ۾ ڪو ڳانڍاپو آهي يا نہ؟؟ جيڪڏهن دنيا حقيقي ناهي صرف مايا آهي تہ، پوءِ اسان سڀ شيزوفرينيا جا مريض آهيون ۽ خوبصورت اوٿارن جا شڪار آهيون. صوفي جي رياضت ۽ ڪشف شعور جي اهڙيءَ شڪل آهي، جيڪا مراقبي ذريعي زمان ۽ مڪان کان ٻاهر جهاتي پائي ٿي، جنهن کي بيان نٿو ڪري سگهجي. هندستان ۾ صديون اڳ مها يوگي، سنياسي ۽ ساڌو اهڙا يوگ ڪندا هئا، جنهن ذريعي هو وڏي ڄمار ماڻيندا هئا يا پنهنجي عمر ٻيهاري ڇڏيندا هئا.





مطلب تہ، ڪائنات جو راز پروڙڻ جا جتن ڪيا ويندا هئا، صوفي مت بہ اهڙيءَ قسم جي رمز آهي. هاڻي صوفي زمان ۽ مڪان کا ٻاهر جهاتي پائي ٿو، پر پنهنجو دماغ بہ سالم رکي ٿو، پر جي دماغ سالم نہ رکي سگهيو تہ، پوءِ چريو ٿي پوندو. انهيءَ ڳالهہ کي اسان هيئن بہ سمجهي سگهون ٿا، مثال ڪو ماڻهو ٻہ صديون اڳ مري ويو هجي، ان کي وري جيئرو ڪجي تہ، هو هيءَ دنيا ڏسي وائڙو ٿي ويندو ۽ ڪيس ڪجھ بہ سمجھ ۾ نہ ايندو، ڇو تہ، هو هڪ مخصوص زمان ۽ مڪان جو عادي هو. هي ماحول هن لاءِ مڪمل اوپرو هوندو، جنهن لاءِ سندس شعور عادي نہ هوندو، بلڪل اهڙيءَ طرح رياضت سان جيڪو ڪشف حاصل ٿئي ٿو، اهو موجوده زمان ۽ مڪان کان ٻاهر جي سمان جو گيان ڏئي ٿو. انهيءَ ڪري شعور جي بلندي جڏهن ماڻهو کي آفاقي بڻائيندي آهي تہ، هو پنهنجي رويي ۾ صوفي ٿيندو آهي، ڇو تہ، ڪثرتي وجود جيترو پنهنجي جز جي خول ۾ قيد هوندو آهي، اوترو محدود زمان ۽ مڪان ۾ قيد هوندو آهي. سندس سوچ ننڍڙي هوندي آهي، دنيائي حساب ڪتاب، مادي حاصلات ۾ هو. صرف حاصلات (To Have) ۾ جيئندو آهي، وجود/هئڻ (To Be) ۾ نہ جيئندو آهي. وجوديت ۽ صوفي مت جي بنيادي نڪتو اهو ئي ساڳيو آهي تہ، وجود کي To Be ناهيو. سچل سرمست جو هي شعر ڏسو :

پنيءَ ڇيج ۾ ڇل، منجھ تماشي نہ ٿي،
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگاما هل.

نيٽشي انهِيءَ ڪري اهو اعلان ڪيو تہ، ڀڳوان مري ويو آهي، هاڻ پاڻ کي ڀڳوان ٺاهيو. ايرڪ فرام پنهنجي ڪتاب "To have or to be" ۾ هن موضوع کي چڱي طرح زير بحث آندو آهي، سندس چوڻ آهي تہ، انسان جو مادي وجود، ظاهري شڪل شبيهہ، سندس شين سان تعلق، سندس شين جي مالڪي to have جي زمري ۾ اچن ٿا، پر محبت، جذبا، انسانيت، همدردي، روح جو سڪون، اطمينان، رشتا ناتا، ثقافتي سرگرميون (To Be) جي دائري ۾ اچن ٿيون.(15)

هتي وجود/هئڻ کي (To Be) جو مطلب سپر مئن يا هٽلروارو تصور ناهي، بلڪ وجود کي آفاقي بڻائي پرُ ڪري ٿو. هيءَ اها صورتحال آهي جڏهن ماڻهوءَ مان اهنڪار ختم ٿي ويندو. هوس، ڪروڌ ۽ نفس پرستي نہ رهندي، بلڪ منجهس روحاني طاقت وڌڻ لڳندي. انهيءَ ڪري اسان صوفي مت کي نظريي کان وڌيڪ رويو سمجهون ٿا.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## نتيجو:

وجود جو هي بحث ثابت ڪري ٿو تہ وجود مان مراد عام مادي وجود ناهي، دنيا جو ظاهري پاسو اصلي وجود جي ماهيت کي سمجهڻ کان قاصر آهي. انسان جي وصف جي اهم خاصيت ان جي روحاني زندگي آهي، يعني انسان هئڻ جي خاصيت.

مادي دنيا جي هن واپاري دور ۾ هوس، لالچ، لوڀ ۽ مادي حصول جي ڊوڙ ۾ ماڻهو جانور بڻجي ويو آهي، ان مان انساني خاصيتون ختم ٿينديون پيون وڃن. انهيءَ ڪري دنيا کي تصوف جي ضرورت آهي، جيڪو ماڻهو ۾ شدت پسندي ۽ مادي هوس جي بدران رواداري ۽ خدا ترسيءَ جهڙا گُڻ پيدا ڪري سگهي ٿو.

## حوالا


1. Erick fromm. ‘The Sane Society’, www.gofaster.net/books/.../Erich_Fromm_The_Sane_Society.pdf p56.

2. ڊاڪٽر افتخار بيگ ’وجوديت ‘، سٽي بڪ پوائنٽ اردو بازار ڪراچي، 2011ع، ص:31.

3. Hunter mead. ‘Types and Problems of Philosophy Holt, Rinchart and Winston ’, October , 1962, p 412.

4. Ibid, p 412.

5. قاضي قيصر السلام ’فلسفي ڪي بنيادي مسائل‘، نيشنل بُڪ فائونديشن، ڪراچي پهريون ايڊيشن، 1976ع، ص:529.

6. پروفيسر يوسف سليم چشتي ’تاريخ تصوف‘ دارلڪتاب اردو بازار لاهور 2009ع، ص: 108.

7. Syed Alam. ‘conception time and being in the transcendent Philosophy of Mulla Sadra’ , Journal of Social Science and humanities, Volume 50, part-1, January & June 2011.

8. چشتي، يوسف سليم، پروفيسر، ’تاريخ تصوف‘، دارالڪتاب اردو بازار لاهور، ص 42.

9. ساڳيو، 16 کان 22.

10. ساڳيو، ص 21.

11. ساڳيو، ص 105.







12. ساڳيو، ص 09.

13. Pilgrim simon. ‘Mysticism Madness Mania’ Robert Laynton, 2009, P 38-39.

14. Pilgrim simon. ‘Mysticism Madness Mania’ Robert Laynton, 2009, p 34.

15. Erick Fromm. ‘To Have or To be’, the world perspective by harper & row, 2nd edition 1997, p 25.


٭ شاهہ جا بيت ٻانهي خان جي رسالي تان ورتا ويا آهن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair